# ١٤. مُندوُن



سَجي سال ۾ پنج مُندوُن ٿينديوُن آهِن. بَهارَ جي مُندَ، سَيني مُندُن جي راڻي آهي. هِن مُندَ ۾ وڻ ٽِڻ ساوا ٿين ٿا. باغن ۾ گُل ڦُلَ ٽِڙن ٿا ۽ پکي مِٺڙيون ٻوليوُن ٻولين ٿا.

بَهار کان پوءِ اونهارو اَچي ٿو. هِن مُندَ ۾ سخت گرمي ٿِئي ٿي. هن مُند ۾ هلڪا ۽ سوٽي ڪپڙا پائبا آهن. پاڻيءَ جي اُڃ تمام گهڻي لڳندي آهي. هِنَ مُندَ ۾ اَنب، جموُن، هنداڻا، توُت جام ٿين ٿا.

اونهاري کان پوءِ برسات جي مُند اَچي ٿي. جنهن کي چوماسو به چئجي ٿو. چؤماسي ۾ نديون، ڍنڍوُن ۽ تلاءَ ٻرجي ويندا آهِن. چوڌاري ساوڪ نظر ايندي آهي. هِن مُند ۾ پوک بِہ جام ٿيندي آهي.

برسات کان پوءِ سرءُ جي مُند اَچي ٿي. جنهن ۾ گهميل هوا لڳي ٿي. وڻن ۽ ٻوٽن جا گُلَ ۽ پن ڇڻن ٿا.

چؤماسي کان پوءِ سياري جي مُند اَچي ٿي. هِن مُندَ ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ اَسين گرم ڪپڙا پائيندا آهيون. اِن ريت مُندن جو چڪر سدائين چالوُ رهي ٿو. هرڪنهن مُند کي پنهنجي اَهميت آهي.

## اَڀياس

**سوال ١. هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

١. سڄي سال ۾ گهڻيون مُندون ٿينديون آهن؟
٢. سيني مُندن جا نالا لکو.
٣. اونهاري ۾ ڪهڙا ڪهڙا قل ٿين ٿا؟
٤. چوماسي جي مُند ۾ ڇا ڇا ٿيندو آهي؟

**سوال ٢. هيٺين ۾ خال ڀريو:-**

١. ........... جي مُند سيني مُندن جي راڻي آهي.
٢. برسات جي مُند کي .......... بہ چئبو آهي.
٣. سرءُ جي مُند ۾ وڻن ۽ ٻوٽن جا گُل ۽ پن ........ ٿا.
٤. سياري جي مُند ۾ اَسين ........ ڪپڙا پائيندا آهيون.

**سوال ٣. هيٺيان لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

١. سخت ٢. ساوڪ ٣. ٿڌي ٤. راڻي.

## پورڪ اَڀياس

١. توهان کي ڪهڙي مُند پسند آهي ۽ ڇو؟
٢. اَڌياپڪ يا مائٽن جي مدد سان مُندن جو عرصو لکو.
٣. اَڄ ڪلهہ توهان مُندن ۾ ڪا ڦير گهير محسوس ڪئي آهي ڇا؟ جيڪڏهن ها تہ ڪهڙي؟ لکو.
٤. ’قدرت‘ وشيہ تي ٥ سِٽون ڪويتا يا ڄاڻ لکو.

# پالڪي

**هينيون تڪر مات ۾ پڙهو :**



شولاپور جي ويجهو پنڌرپور هڪ وڏو تيرٿ آستان آهي. اُتي ونوباجيءَ جو مندر آهي. سڄو سال اُتي ڪيترائي شرڌالو ويندا آهن.

پوني جي ويجهو ديهوُ ڳوٺ ۽ آلنديءَ کان هر سال الڳ الڳ پالڪي نِڪرندي آهي. پالڪيءَ سان گڏ ڪيترا ياتري پنڌ ڪري ويندا آهن. پنڌرپور پوني کان اَٽڪل ڏيڍ سؤميل پري آهي. ياتري روز ۵ کان ۱۰ ميل پنڌ ڪندا آهن. مينهن پوي يا اُس هجي هي ياتري پرواهه ڪين ڪن، هٿ ۾ جهانجهه کڻي ڪيرتن ڪندا 'جئه هري وِٺل' چوندا وڃن، ڪين ڪاڌي پيتي جي پرواه ڪونه هوندي آهي. ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ مان تہ ڪڏهن ڪنهن شهر مان لنگهن. لوڪ گهڻيئي شيون کڻي اَچي ڪين ڏين. اُهي سمجهندا آهن تہ ياترين جي سنڀال لهڻ پُڇ جو ڪم آهي. هي سڀ ياتري پالڪيءَ سان گڏ آکاڙي گِيارس تي پنڌرپور پهچندا آهن.



# اَچو تہ کِلون



۱ - اَنيل :- ۵ لڏون ۽ چار ماڙهو، تہ ڪيئن ڳالهہ ٺهندي؟

سُنيل :- مان پنهنجي پاءُ کي هينئر وٺي اَچان ٿو.

۲- پٽ : - بابا! اَسين سڀاڻي مالا مال ٿِي ونداسين.

پيءُ :- سو ڪيئن؟

پٽ :- سڀاڻي ماستر صاحب اَسانکي پئسن مان روپيہ ٺاهڻ سيکاريندو.

- توهانکي وڻندڙ هڪ چرچو لِکو ۽ ڪِلاس ۾ سيني کي ٻڌايو.

## اَچو تہ سِکون

### پڙهو ۽ لِکو.

۱. ماستر شاگردن کي هيٺين بابت وڏيڪ چارٽ ڏيندو.



۲. جانور : (Animals)

ڪُتو (Dog)   ٻِلي (Cat)   گهوڙو (Horse)

شينهن (Lion)   چيتو (Tiger)   هرڻ (Deer)

واگهو (Crocodile)   گِدڙ (Jackal)   بگهڙ (Wolf)

اُٺ (Camel)   ٻڪري (Goat)   رِڍ (Sheep)

ڍڳو (Bull)   گينڊو (Rhinoceros)   باندر (Monkey)

مانگر مڇ (Whale)   نانگ (Snake)

گڏهه (Donkey)   هاٿي (Elephant)

۳. پيشا : (Profession)



واڍو (Carpenter)   درزي (Tailor)

ڌوٻي (Washerman)   وڪيل (Lawyer)

سونارو (Gold smith)   نائي (barber)

لوهار (Iron smith)   ڪوَلي (Porter)

موچي (Cobbler)   مزور (Worker)

اَڌياپڪ (Teacher)   ڪڙمي (Farmer)

چاڪي / تيلي (Oilman)   اَداڪار (Actor)

ڪُنڀارُ (Potter)   ڊاڪٽر (Doctor)



۱. پکي : (Birds)

ڪانو (Crow)   مور (Peacock)

باز (Eagle)   ڳجهہ پکي (Vulture)

ٻُلبل (nightangle)   ڪوئل (Cuckoo)

جهرڪي (Sparrow)   ڪُڪڙي (Hen)   هنس (Swan)

ڪبوتر (Pigeon)   طوطو (Parrot)

چِبرو (Owl)   ڪُڪڙ (Cock)   بدڪ (Duck)

